SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر IX، مجريه 1975

SINDH ACT NO.IX OF 1975

ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن پاڻي ٽيڪس (توثيق)

ايڪٽ 1975

THE KARACHI MUNICIPAL CORPORATION WATER TAX (VALIDATION) ACT, 1975

فهرست (CONTENTS)

تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. پاڻي ٽيڪس جي توسيع

	سنڌ ايڪٽ نمبر IX، مجريه 1975 **SINDH ACT NO.IX OF 1975** **ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن پاڻي ٽيڪس (توثيق) ايڪٽ، 1975** **THE KARACHI MUNICIPAL CORPORATION WATER TAX (VALIDATION) ACT, 1975** [15 اپريل 1975]
تمهيد	ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن طرفان چارج ڪيل، جمع ڪيل يا چاڻايل پاڻي ٽيڪس جي توثيق لاءِ هڪ ايڪٽ جيئن ته ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن طرفان ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ايريا ۾ چارج ڪيل، جمع ڪيل يا چاڻايل پاڻي ٽيڪس جي توسيع ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي. اهو هيٺين ريت عمل ۾ آندو ويندو.
مختصر عنوان ۽ شروعات	1. (1) اهو ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن پاڻي ٽيڪس (توثيق) ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو. (2) اهو فوري طور عمل ۾ آندو ويندو.
پاڻي ٽيڪس جي توسيع	2. ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن طرفان ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ايريا ۾ پهرين نومبر 1949 کان 30 جون 1972 تائين چارج ڪيل، جمع ڪيل يا چاڻايل پاڻي ٽيڪس ڪنهن قانون يا فيصلي، حڪم يا عدالت جي ڊڪري باوجود باضابطه طور چارج ڪيل، جمع ڪيل يا چاڻايل سمجهيو ويندو، جيئن ڪيس هجي.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.